رفيق بلوچ

# ايم. ايچ. پنهور جو ادب ۽ تاريخ ۾ حصو: هڪ تحقيقي جائزو

# Contribution of M.H Panhwar in literature and History: A Research Analysis


## *Abstract*:

*There are some eminent scholars, got fame throughout Sindh and abroad due to their outstanding endeavors in different fields. M.H Panhwar is one of them, who were born on 25th December, 1925 in village Ibrahim (Kachi), Taluka and District Dadu. M.H. Panhwar has contributed a lot on Indus Civilization, History & Archeology and in other fields too. He explored the hidden facts of Indus Civilization on the basis of scientific Research. The first aspect of his research was compilation of history of Sindh, it's Geography and Archeology on scientific basis. This research consists of Geography, Archeology, Languages, and norms of primitive Sindh. He did work on the trade, harbors, neighboring states of India to Sindh particularly Kach and also relations of Sindh to European continent. He also pens down about the Soomra and Kalhora regimes in Sindh, rampant languages in Sindh, Sindhi language, Rani Kot Fort, struggle of Sindh against feudalism, the cities and settlements in Sindh, etc.*

*He worked on political and historical personalities also and documented the life and services of G.M-Syed, Muhammad Ibrahim Joyo, Henry Cousins, Jam Nizamuddin Samo, Peer Hassamuddin Rashdi, Abdullah G Memon etc.*

*The second aspect of his research was agriculture, horticulture and environment. He wrote hundreds of articles on agriculture engineering, pre and post harvest, ground water, sea erosion, water falls in mountainous areas, rivers, water logging & salinity problems in Sindh etc. He also introduced new variety of fruits i.e. mangoes, grapes etc.*

*After Mr. Pithawala, M.H Panhwar was the first Sindhi scholar who used maps and charts in his research work. Seventeen (17) books of M.H Panhwar has been published up to-date including (1) An Illustrated Historical Atlas of Soomra Kingdom of Sindh (2) Source Material on Sindh (3) Groundwater in Sindh (4) Six Thousand Years of History of Immigration of Sindh (5) Water Requirement of Riverian Areas of Sindh (6) Chronological Dictionary of Sindh (7) Sindh-Kuchh relations (8) First Ten Years of my Life (Autobiography) etc.*

*He has mostly written in English, most of which has been translated into Sindhi. A large number of his un-published articles are available in his*

*personal library. M.H Panhwar died on 21 April 2007 and buried in his farm house near Tando Jam.*

*In this research article I have focused on the contribution of M.H Panhwar in the fields of literature, Archeology and historiography.*

سونهاريءَ سنڌ سدائين انمول هيرن کي جنم ڏنو آهي جن پنهنجن غير معمولي صلاحيتن آڌار مختلف شعبن ۾ خدمتن عيوض سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر اعليٰ مقام ماڻيو آهي. سنڌ جي ڪجهه ڪرشماتي ۽ تاريخ ساز شخصيتن سنڌو تهذيب، سنڌ جي تاريخ، آثار قديمه، آرڪيالاجي ۽ ٻين شعبن ۾ غير معمولي ڪم ڪيو جن ۾ پير حسام الدين راشدي، عطا محمد ڀنڀرو، ڊاڪٽر غلام محمد لاکو اشتياق انصاري ۽ ٻين سان گڏ ايم. ايڇ پنهور صاحب جو نالو به اهم جاءِ والاري ٿو. سنڌ جي عظيم تهذيب ۽ تاريخ جي لڪل پاسن جي سائنسي بنيادن تي کوجنا ڪندڙ هن تاريخدان ۽ سائنسدان حاجي پنهور جي گهر 25 ڊسمبر 1925ع تي جنم ورتو. هن يگاني عالم جي جنم جو هنڌ ڳوٺ ابراهيم (ڪڇي) پنهورلڳ ڦلجي اسٽيشن تعلقو ۽ ضلعو دادو آهي. حاجي پنهور پنهنجي فرزند جو نالومحمد حسين پنهور رکيو. اهو نينگر اڳتي هلي ايم. ايڇ پنهور جي قلمي نالي سان علمي شفق تي ستاري جيان چمڪيو.

### ننڍپڻ ۽ تعليم:

ايم. ايڇ پنهور جي زندگيءَ جا شروعاتي ڏهه سال اباڻي ڳوٺ ابراهيم پنهور ۾ گذريا. ننڍپڻ کان ئي سندس ڪتابن سان خاص دلچسپي رهي. ڪتابن جي خريداري لاءِ ڳوٺ ابراهيم پنهور کان شهيد مخدوم بلاول ڳوٺ تائين سندس اچ وڃ رهي. هن شاگرديءَ واري زماني ۾ پنهنجي مامي نور محمد وٽان ٻاراڻي ادب جا ڪتاب ۽ ”گل ڦل“ رسالو پڙهيا. سندن خاندان جو ذريعہ معاش ڪجهه زرعي زمين ۽ چوپائي مال جي پالنا هئي. سندس والد حاجي خان پنهور ۽ مامي حڪيم محمد صالح پنهور خلافت تحريڪ ۾ به حصو ورتو. هن 1930ع کان 1935ع تائين پرائمري جا پنج درجا پنهنجي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول ۾ پڙهيا. ڇهون درجو ميهڙ ۾ پڙهيو. جتي سندس رهائش بورڊنگ هائوس ۾ هوندي هئي ۽ مئٽرڪ لاڙڪاڻي مان ڪئي. مئٽرڪ ۾ سڄي سنڌ مان پهريون نمبر آيو. اسڪول ۾ پنهور صاحب پنهنجن استادن محمد ابراهيم پنهيار، مسٽر چندناڻي ۽ محمد يعقوب پنهور کان گهڻو متاثر ٿيو. مئٽرڪ کانپوءِ ڪراچي آيو ۽ 1942ع ۾ ڊي جي سنڌ ڪاليج ۾ داخلا ورتائين. جتان هن انٽرميڊيئيٽ سائنس جو امتحان پاس ڪيو. بعد ۾ سندس سنڌ حڪومت جي اسڪالرشپ تي سنڌ يونيورسٽي ڪراچي سان الحاق شده اين اي ڊي ڪاليج (يونيورسٽي)آف انجنيئرنگ ائنڊ ٽيڪنالاجي ڪراچي ۾ داخلا ٿي ۽ هن اتان1949ع ۾ مڪينيڪل ۽ اليڪٽريڪل انجنيئرنگ ۾ گريجوئيشن جي ڊگري ورتي. بي. اِي (B.E) جي امتحان ۾ به هن يونيورسٽيءَ ۾ فرسٽ ڪلاس، پهرين پوزيشن حاصل ڪئي. اين اي ڊي يونيورسٽيءَ ۾ پڙهائيءَ دوران سندس رهائش بورڊنگ هائوس ۾ رهي. تعليمي ميدان ۾ سندس غير معمولي صلاحيتن کي ڏسندي ڪيس سنڌ سرڪار

طرفان ٻاهرئين ملڪ وڏيڪ تعليم لاءِ اسڪالرشپ ڏني وئي ۽ ايم.ايڇ پنهور آمريڪا ويو جتي هن ٽي سال رهي، اتان جي وسڪانسن يونيورسٽي مان ايم. ايس. سي ڪئي. آمريڪا ۾ هن زرعي انجنيئرنگ ۽ زراعت بابت پڙهي سگهيا ورتي. سندس خاص مهارت جر جي پاڻيءَ جي واڌ، سم ۽ ڪلر جي روڪٿام، زرعي مشينري ۽ پاڻيءَ جي وهڪري تي هئي.

## علمي، ادبي ۽ پروفيشنل ادارن ۾ رڪنيت:

پنهور صاحب ڪجهه مادر علمين ۾ ميمبر ۽ ائڊوائيزر طور ڪم ڪيو. 1970 کان 1979ع تائين ايجوڪيشنل ايڊس جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر رهيو. 1973 کان 1983ع تائين پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ ڪنسلٽنٽس جو مئنيجنگ پارٽنر رهيو. 1979 کان 2002ع تائين ريسرچ ۽ ڊولپمينٽ انجنيئرس جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر رهيو. سڪرنڊ ۽ سنڌ زرعي ڪاليج (يونيورسٽي) ٽنڊو جام ۾ 1954ع کان 75ع تائين ايگريڪلچرل انجنيئرنگ جي پروفيسر ۽ سال 1980ع کان 86ع تائين مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ ائنڊ ٽيڪنالوجي ڄامشوري ۾ وزيٽنگ پروفيسر کان علاوه سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ سال 1982 کان 86ع تائين انجنيئرنگ ائڊوائيزر طور ڪم ڪيائين. پنهور صاحب ڪجهه علمي، تحقيقي ۽ ثقافتي ادارن ۾ چيئرمين، صدر ۽ اعزازي ميمبر پڻ رهيو. هي دائود ڪاليج آف انجنيئرنگ ائنڊ ٽيڪنالاجي ڪراچي جي بورڊ آف گورنرس جو 1990 کان 93ع تائين ميمبر ۽ ساڳئي ڪاليج جي ايگزيڪٽو ڪاميٽيءَ جو ساڳئي عرصي ۾ چيئرمين رهيو. نيشنل انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل ائنڊ ڪلچرل ريسرچ جو1986 کان 93ع تائين ميمبر رهيو. نيشنل ڪاليج آف آرٽس لاهور جي ايگزيڪٽو بورڊ، بورڊ آف گورنرس ۽ سليڪشن بورڊ جو 1989 کان 93ع تائين ميمبر رهيو. خضدار انجنيئرنگ ڪاليج خضدار (بلوچستان) جي بورڊ آف گورنرس جو 1989 کان 93ع تائين ۽ ڪاليج آف آرٽس ڄامشورو جي بورڊ آف گورنرس جو ساڳئي عرصي ۾ ميمبر رهيو. جرنل سنڌالاجيڪل اسٽڊيز جي ايڊيٽوريل بورڊ جو 1982 کان 93ع تائين ميمبر رهيو. بورڊ آف ايس ايس ايڇ ايس ڪراچي جو 1998 کان 2005ع تائين ميمبر رهيو. سنڌ سوسائٽي فار هارٽيڪلچرل سائنس ۽ انٽيگريٽيڊ ايگريڪلچر ڊولپرس جو 2001 کان 2005ع تائين صدر رهيو. سال 2002ع کان 2005ع تائين ايم ايڇ پنهور ٽرسٽ جو صدر رهيو.

پنهور صاحب تاريخ، آثار قديمه جي ماهر ۽ زرعي انجنيئرنگ ۽ باغباني جي ماهر هئڻ ڪري ڪجهه بين الاقوامي ادارن جو بہ رڪن رهيو. جن ۾ (1) ڪيليفورنيا ريئر فروٽ گروئرس ايسوسيئيشن جو 1986 کان 93ع تائين (2) آسٽريلين مئڪيڊاميا گروئرس ايسوسيئيشن جو 1986 کان 98ع تائين (3) ڪيليفورنيا ايووڪاڊو سوسائٽي جو 1987 کان 92ع تائين (4) جوجوبا گروئرس ايسوسيئيشن جو سال 1985 کان 88ع تائين (5) انٽرنيشنل سوسائٽي فار هارٽيڪلچرل سائنس جو 1990ع کان 2007ع تائين (6) آمريڪن سوسائٽي

فار هارٽيڪلچرل سائنس جو 1990 کان 98ع تائين (7) فلوريڊا اسٽيٽ هارٽيڪلچرل سوسائٽي جو 1987 کان 1997ع تائين (8) ريئر فروٽ ڪائونسل آف آسٽريليا جو 1981ع کان 2000ع تائين (9) آسٽريلين سوسائٽي فار هارٽيڪلچرل سوسائٽي جو 1990 کان 97ع تائين (10) آمريڪن پومولاجيڪل سوسائٽي جو 1989 کان 93ع تائين (11) انٽرنيشنل بنانا ايسوسيئيشن جو 1980ع کان 90ع تائين ميمبر (12) آمريڪي سوسائٽي فار اينالاجي ائينڊ وائٽ ڪلچر جو 1992ع کان 2002ع تائين پروفيشنل ميمبر (13) سائوٿ آفريڪن سوسائٽي فار هارٽيڪلچر سائنس جو 1993-94ع دوران ۽ (14) انٽرنيشنل ريئر فروٽ ڪائونسل آف سائنٽسٽس ائينڊ سائنٽيفڪ پروفيشن جو 1982ع کان 99ع تائين ميمبر رهيو.

ايم ايڇ پنهور ڪجهه پروفيشنل تنظيمن جو پڻ ميمبر رهيو جيئن (1) آمريڪن سوسائٽي آف ايگريڪلچر انجنيئرس جو 1953 کان 1976ع تائين ايسوسيئيٽ ميمبر (2) انسٽيٽيوٽ آف ايگريڪلچرل انجنيئرس انگلينڊ جو 1964 کان 70ع تائين (3) رايل جاگرافيڪل سوسائٽي لنڊن جو 1977ع کان 2007ع تائين ۽ (4) پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل اسلام آباد جو 1977ع کان 2007ع تائين ميمبر رهيو.

پنهور صاحب 1964ع ۾ پنهنجي زرعي زمين کي هارٽيڪلچر (باغباني) فارم جو درجو ڏيئي ميون جي مختلف جنسن تي تجربا ڪرڻ شروع ڪيا ۽ آمريڪا، برازيل، يورپ ۽ آسٽريليا مان نوان نوان ٻوٽا آڻي تجربا ڪيا. هن فروٽ جا ڪيترائي نوان قسم پيدا ڪيا ۽ ليچي(Leeche) جي ڇهه نون قسمن سان گڏ انبن جون ستاويهه نيون جنسون متعارف ڪرايون. ايم.ايڇ پنهور زراعت جي دنيا ۾ چڻ انقلاب برپا ڪري ڇڏيو. پنهور صاحب سنڌ ۾ صديون پراڻي ڪمدار ڪلچر کي ختم ڪيو ۽ پنهنجي زرعي فارم تي ڪم ڪندڙن کي ماهوار پگهار تي مقرر ڪيو. سندس سڄاڻپ سنڌ ۾ هڪ ترقي پسند زميندار طور ٿي. 1985ع ۾ هن زراعت ۽ باغباني فارم کي تحقيقي فارم ۾ تبديل ڪيو ۽ ميون جي جنسن تي تحقيق شروع ڪئي. هي زندگي جي آخري ايامن تائين زراعت، باغباني،نون جنسن جي پوکائي ۽ ميون جي نئين ورائٽي متعارف ڪرائڻ سميت هڪ ماهر انجنيئر طور سم ۽ ڪلر، پاڻيءَ جي نيڪالي، آبپاشي، زراعت، ٻوٽن جي پوکائي، سائنسي اوزارن ۽ ٻين موضوعن تي مختلف زرعي ڪمپنين ۽ سرڪاري ادارن ۾ ڪنسلٽنسي خدمتون ڏيڻ جو سلسلو پڻ جاري رکندو آيو. هن لاباري کان پوءِ (Pre Harvest) ، انب، ڪيلي، ليچي، انگور ۽ ٻين ميون بابت ڪيترائي تحقيقي مضمون لکيا جن مان ڪجهه شايع ٿيا ۽ ڪجهه اڻ ڇپيل حالت ۾ سندس ذاتي لائبريري ۾ موجود آهن.

## علمي پورهيو:

ايم. ايڇ پنهور صاحب ٻن وسيع شعبن ۾ تحقيقي ڪم ڪيو. سندس تحقيق جو پهريون پهلو سنڌ جي تاريخ جديد سائنسي انداز ۾ مرتب ڪرڻ، سنڌ جي جاگرافي، آثار قديمه،

سنڌي ٻولي يا سنڌ جون ٻوليون. جڏهن ته ٻيو پهلو زراعت ۽ باغباني، آبپاشي، ماحوليات، جبل، درياءَ، سمنڊ، آبشار، چشما، ڪاريز ۽ زير زمين پاڻي رهيو. سنڌ جي تاريخ تي ڪم ڪندي هن روايتي انداز ترڪ ڪري جديد سائنسي انداز ۾ تحقيق ڪئي. سنڌ جي ڏيساور ملڪن سان پنهنجي ديبل بندرگاهن ذريعي تجارت، ڊچ ايسٽ انڊيا ڪمپني، سنڌ جا هندوستان جي پاڙيسري رياستن خاص ڪري ڪڇ سان ۽ يورپ ڪنڊ سان تعلقات، سنڌ ۾ قبيلا ۽ ذاتيون، سنڌ ۾ جاگيرداري نظام، سنڌ ۾ سومرا دور حڪومت ۽ ڪلهوڙا، سنڌ ۾ ڳالهايون ويندڙ ٻوليون ۽ سنڌي ٻوليءَ جي اسرڻ ۽ نسرڻ وغيره سندس تحقيق جا اهم موضوع رهيا. سندس تحقيق جا ٻيا موضوع سنڌ جي جاگرافي ۽ آثار قديمه رهيا. هن سنڌ جي سرحدن جي مقرري، سنڌ کي بمبئي سان ملائڻ جا سبب، رني ڪوٽ، سنڌ جي ڳوٺن ۽ شهرن جي جاگرافي وغيره تي ڪم ڪيو. سنڌ جي تاريخ، جاگرافي، آثار قديمه تي ڪم ڪندي ايم. ايڇ پنهور پنهنجي تحقيق ۾ نقشا ۽ چارٽ شامل ڪيا ۽ سنڌي ليکڪن ۾ پنهور صاحب ئي هيو جنهن پنهنجي تحقيق ۾ نقشن ۽ چارٽن کان مدد ورتي. هن کان اڳ پٽاوالا پنهنجي تحقيق ۾ نقشا ۽ چارٽ شامل ڪيا هئا.

زراعت ۽ باغباني جي حوالي سان هن پوکن جي هارويسٽنگ کان پوءِ جي موضوعن تي ڇٽيهه ڪتاب ۽ زراعت ۽ باغباني تي سَوَن جي تعداد ۾ مضمون لکيا. جن مان ڪيترائي اڃا تائين شايع نه ٿي سگهيا آهن. ايم. ايڇ پنهور سنڌ جو چپو چپو گهمي ڏٺو. جابلو ڪوهستاني علائقن ۾ پاڻي جي شرح بابت ڄاڻ حاصل ڪري سنڌ جي زير زمين پاڻي تي ڏهه عدد ڪتاب ۽ ڪيترائي مضمون لکيائين. پنهور صاحب سنڌ جي هائڊرولاجي ۽ جيالوجي جي معلومات حاصل ڪري ان موضوع تي پڻ تقريبن 13 ڪتاب لکيا. سندس معدنيات ۽ پاڻياٺ وغيره تي سَوَن جي تعداد ۾ عالمانا مقالا لکيل آهن.

سنڌ جي تاريخ تي سائنسي بنيادن تي ڪم ڪندڙ هن دور جي هڪ وڏي نانءُ ڊاڪٽر غلام محمد لاکي مطابق ” پاڻ ويهين صديءَ جو وڏو ۽ معتبر سنڌ شناس ليکڪ هو. سندس اڀياس ۽ کوجنا ۾ سنڌ جي تاريخ، سنڌي ٻولي، جاگرافي، قديم آثار، تعليم، سماج، زراعت، باغباني، ماحوليات، آبپاشي، جبل، درياءَ توڙي سمونڊ خاص اهميت وارا عنوان رهيا. پنهور صاحب جي علم ۾ لکڻ ۽ پڙهڻ ۾، سوچڻ ۽ سمجهڻ ۾، کوجنا توڙي پرک ۾، ڪتابن، مشاهدن تجربن توڙي ٽيڪنالاجيءَ کي خاص اهميت رهي.“ (1)

هن 2003ع ۾ ايم.ايڇ. پنهور ٽرسٽ قائم ڪئي ۽ سماجي ڪم پڻ شروع ڪيا. هن هڪ لائبريري قائم ڪئي، جنهن ۾ غير افسانوي ادب جا پنجاهه هزار ڪتاب موجود آهن. جن مان اڪثر سنڌ جي تاريخ، آرڪيالاجي، هارٽيڪلچر، انجنيئرنگ ۽ ماحوليات جي موضوع تي آهن. هي لائبريري ايم.ايڇ. پنهور ٽرسٽ طرفان هلائي پئي وڃي، جيڪا محققن ۽ عام پڙهندڙن لاءِ کليل رهي ٿي.

سنڌي ٻوليءَ جي گرامر جي ماهر ڊاڪٽر آفتاب ابڙي مطابق ”ايم. ايڇ پنهور صاحب جون علمي ۽ ادبي خدمتون اسان کي زندگيءَ جي اڪيچار شعبن ۾ هڪ ئي وقت ملن ٿيون. هن سنڌ جي تاريخ کي جديد تقاضائن موجب مرتب ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون. هن ان سلسلي ۾ ڏيهه توڙي پرڏيهه جي ڪتب خانن مان گُمنام ۽ اڻ لڀ مواد حاصل ڪرڻ لاءِ تمام وڏي ڪوجنا ڪئي. سنڌ ۾ زراعت ۽ باغباني کي جديد دور سان هم آهنگ بنائڻ لاءِ جاکوڙ ڪئي. سائنس، ٽيڪنالاجي ۽ ماحوليات بابت نہ رڳو ڀرپور ڄاڻ حاصل ڪئي، پر سنڌ ۾ ان جو شعور ڦهلائڻ لاءِ وت ۽ وس آهر ڪوششون پڻ ڪيون.“ (2)

پنهور صاحب لکڻ جي شروعات ڪراچيءَ ۾ پڙهائي دوران ڪئي. هن ويهه سالن جي عمر ۾”مسلم عورت “ نالي سان پهريون ڪتاب لکيو جيڪو1945ع ۾ڇپيو. هن وقت تائين سندس سترنهن (17) کن ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. جن جو وچور هن ريت آهي:

(1) مسلم عورت (1945ع)

2. Ground Water in Hyderabad and Khairpur Division, 1964
3. Source Material on Sindh, 1977
4. Sindh Kuch Relations, 1980, Revised edition, 2016
5. Chronological Dictionary of Sindh, 1983
6. History of Sindh Irrigation (3500 BC present), 1991.
7. Water Requirement of Riverine Area of Sindh, 2002.
8. An Illustrated Historical Atlas of Soomra Kingdom of Sindh, 2003.
9. Kirthur (Co_author), 2006.

(10) تصوير سنڌ (سنڌ جي سومرا بادشاهي جي تاريخ) اصل انگريزي ڪتاب ”ائن السٽريٽيڊ هسٽوريڪل اٽلس آف سومرا ڪنگڊم آف سنڌ“ جو ترجمو سنڌيڪار عمر سومرو

(11)قديم سنڌ جي تجارتي تاريخ (ڀنڀور ۽ ديبل بندر بابت لکيل مضمون جو ترجمو سنڌيڪار عطا محمد ڀنڀرو 2004ع.

(12) آپ بيتي جڳ بيتي (آتم ڪٿا) اصل انگريزي ڪتاب جو ترجمو سنڌيڪار حاڪم علي شاهہ بخاري، 2008ع

(13) آڳاٽي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي (سنڌي ٻولي بابت انگريزي ٻوليءَ ۾ لکيل مختلف تحقيقي جرنلن ۾ ڇپيل مضمون ۽ مقالا، سنڌيڪار ڊاڪٽر محبت ٻرڙو 2010ع

(14) پيرائتي سنڌ ڪٿا (ڌرتي جڙڻ کان 1539ع تائين سنڌ سان لاڳاپيل تاريخي واقعا سن وار) اصل انگريزي ڪتاب ”ڪرونولاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ“ جو سنڌي ترجمو سنڌيڪار عمر سومرو

(15) Six Thousand Years of History of Irrigation in Sindh (Revised Edition), 2011

(16) سنڌ جي ريجاڻي تاريخ جا ڇهہ هزار سال (اصل انگريزي ڪتاب ”سڪس ٿائوزنڊ ييئرس هسٽري آف اريگيشن آف سنڌ“ جو ترجمو سنڌيڪار عمر سومرو.)

(17) سنڌ جا ڪجهه سان لاڳاپا (اصل انگريزي ڪتاب "سنڌ - ڪجهه رليشنس" جو ترجمو سنڌيڪار غلام محمد لاکو ڇپرائيندڙ عمر سومرو 2016ع)

(18)سنڌ شناسي (مختلف انگريزي جريدن ۽ تحقيقي جرنلن ۾ ڇپيل مضمونن جو ترجمو سهيڙيندڙ غلام محمد لاکو 2017ع)

سندس انگريزيءَ ۾ لکيل ڪجهه ڪتاب اڻ ڇپيل صورت ۾ پڻ موجود آهن، جن ۾:

(1) هسٽاريڪل ائٽلس آف سنڌ (80 کان وڌيڪ تاريخي ائٽلس ۽ 3000 نقشن سان)

(2) هسٽري آف سنڌ اِن پڪچرس.

(3) ڪلائيميٽڪ چينجز ائنڊ ديئر امپئڪٽ آن هسٽري آف سنڌ

(4) سوشل هسٽري آف سنڌ (ٽن ڀاڱن ۾)

(5) ائنشنٽ سنڌ (900 صفحن تي مشتمل – سئو کان وڌيڪ مضمون)

(6) ڪوهستان ايريا آف سنڌ

وغيره شامل آهن.

## سندس شايع ٿيل ڪجهه ڪتابن جو مختصر جائزو پيش ڪجي ٿو:

### 1. مسلم عورت:

هي مصنف جو سنڌي ۾ لکيل واحد ڪتاب آهي، جيڪو پاڻ ويهن سالن جي عمر ۾ لکيو. ان کان پوءِ پنهور صاحب جيترا به ڪتاب لکيا سڀ انگريزي زبان ۾ لکيا. هن ڪتاب جو پيش لفظ علامه آءِ.آءِ قاضي جهڙي اسڪالر لکيو. هن ڪتاب تي ڪجهه مخالفت ٿي ۽ رد عمل پڻ سامهون آيو.

### 2. سورس مٽيريل آن سنڌ:

هي ڪتاب ببليوگرافي تي مشتمل آهي، جنهن ۾ ليڪڪ سنڌ ۽ بلوچستان بابت اٽڪل هڪ هزار ڪتابن ۽ لکڻين جي فهرست شامل ڪئي آهي. هي ڪتاب خاص طور سنڌ متعلق آهي جنهن ۾ پنج هزار جي لڳ ڀڳ ڪتاب، مضمون، مقالا ۽ سرڪاري رپورٽون شامل ڪيون ويون آهن. ڪتاب جا به حصا آهن. پهريون حصو ٽن ڀاڱن تي مشتمل آهي. ٻئي حصي ۾ اضافي نوٽس آهن. ٻئي حصي جا پڻ ٽي ڀاڱا آهن. پهريون ڀاڱو سنڌ جي نقشن بابت آهي. ٻئي ڀاڱي ۾ سنڌ متعلق فارسي ۾ لکيل ڪتابن جي نشاندهي ٿيل آهي. ٽيون ڀاڱو متفرقه عنوانن تي آهي. جنهن ۾ ڪل ٽيونجاهه عنوان آيل آهن. آخر ۾ انڊيڪس آيل آهي. مصنف واضح ڪيو آهي ته ڪتاب ۾ سنڌ بابت صرف انگريزي، سنڌي، فارسي ۽ اردو زبانن ۾ موجود مواد کي شامل ڪيو ويو آهي. عربي، فرينچ، جرمن، اسپينش، پورچوگيزي ۽ ڊچ ٻولين کي شامل نه ڪيو ويو آهي. هنن ٻولين ۾ سنڌ متعلق مواد موجود آهي، پر مصنف مطابق ڪيس انهن ٻولين جي ڄاڻ نه هئي. 600

صفحن تي مشتمل هي ڪتاب پهريون دفعو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو پاران 1977ع ۾ شايع ٿيو.

### 3. پيرائتي سنڌ ڪٿا:

”ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ “ نالي سان انگريزي ٻولي ۾ لکيل هن تاريخي ڪتاب جو محترم عمر سومري مٿئين نالي سان سنڌي ۾ ترجمو ڪيو آهي، جيڪو عمر سومرو اڪيڊمي ڪراچي پاران 2011ع ۾ شايع ٿيو. هي سنڌ جي واقعاتي لغت آهي، جنهن ۾ ڪائنات جي تخليق ٿيڻ کان وٺي سما سلطنت جي زوال تائين سنڌ جي تاريخ واقعن ۽ سالن مطابق بيان ڪئي وئي آهي. ڪتاب ڪل چوٽيهن بابن تي مشتمل آهي ۽ آخر ۾ ڇاهٺ صفحن تي مشتمل مددي ڪتابن جي فهرست ۽ ڏسٽي (جيوگرافيڪل انڊيڪس) شامل ڪئي وئي آهي. ڪتاب ۾ سٺ نقشا چارٽ ۽ اوڻيهه تصويرون شامل ڪيون ويون آهن. اڪثر نقشا ۽ چارٽ ليکڪ پاڻ تيار ڪيا آهن. ڪتاب جي شروعات ۾ نقشن، چارٽن ۽ تصويرن جي فهرست پڻ ڏني وئي آهي. 700 صفحن تي مشتمل انگريزي ۾ لکيل ڪتاب ” ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ“ نالي سان انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشوري سال 1983ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو.

### 4. تصوير سنڌ:

هي ايم. ايڇ پنهور صاحب جي An illustrated Historical Atlas of Soomra kingdom of Sindh نالي سان انگريزيءَ ڪتاب جو محترم عمر سومري پاران ڪيل سنڌي ترجمو آهي. 248 صفحن تي مشتمل هي ڪتاب سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي مان 2012ع ۾ ڇاپي پڌرو ڪيو ويو. ليکڪ ڪتاب جي ارپنا پنهنجي گهر واري مسز فرزانه پنهور کي ڪئي آهي. اڻاويهه بابن تي مشتمل هن ڪتاب ۾ مصنف پاران پاڻ تيار ڪيل سٽر نقشا، ايڪيهه چارٽ ۽ ايڪانوي تصويرون شامل آهن. ڪتاب جي آخر ۾ انڊيڪس ڏنل آهي. هي سنڌ جي نظرانداز ٿيل ٽي سؤ سالن تي محيط سومرا دور جي تاريخ تي جديد ۽ سائنسي انداز ۾ ٿيل تحقيق آهي، جنهن ۾ محقق سنڌ سان گڏ برصغير ڏکڻ ايشيا کي پڻ مطالعي هيٺ آندو آهي. انگريزي ۾ لکيل هي ڪتاب محترم عمر سومري، سومرا نيشنل ڪائونسل پاڪستان پاران سال 2003ع ۾ ڪراچي مان ڇپرائي پڌرو ڪيو. سنڌي ترجمي تي نظرثاني ڊاڪٽر غلام محمد لاکي ڪئي. ڪتاب ۾ سومرا گهراڻي جي حاڪمن، عرب دور ۾ سنڌ جي نهيل نقشن، سومرن جي حڪمرانيءَ کان اڳ وارن آزاد اسلامي ملڪن ۽ پاڙيسري غير اسلامي رياستن جو احوال، سنڌ جي محمود غزنوي جي سلطنت ۾ شامل هجڻ جو سوال، سومرا حاڪمن جا اسلامي دنيا ۾ همعصر ۽ هند جون حڪومتون، سنڌ ۽ دهلي سلطنت جي لاڳاپن، سنڌ ملتان لاڳاپن، منگول شهنشاهت ۽ سنڌ، بروهين جي سنڌ ڏانهن لڏپلاڻ ۽ لاڏائن ۾ پاڄڙ، ابن بطوطه جي سنڌ جي سفر، محمد بن تغلق جي سنڌ تي ڪاهه، سومرن جي دور ۾ سنڌ جي تاريخي جاگرافي، سومرا دور ۾ سنڌو درياءَ جي صورتحال، سومرا دور جي آبپاشي نظام ۽ زراعت، سومرا دور جي سنڌين جي کاڌ خوراڪ، واپار، سماجي زندگي،

تعليم، مذهب، روحاني تحريڪن، هنرن، ڪاريگري، تعميرات، پراڻن آثارن، اڏاوتي مهارت، ڏکڻ ايشيا جي ٻولين، سومرا دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جي سرڪاري ٻولي طور اوسر، سنڌي ادب جي ٻاهرئين دنيا سان ادبي ناتن، سومرا دور ۾ سائنس ۽ ٽيڪنالاجي ۽ ڏکڻ ايشيا ۾ آباد نسلن بابت تفصيلي، تحقيقي ۽ تاريخي مواد موجود آهي. ان کانسواءِ نقشن واري حصي ۾ سنڌ جي جاگرافيائي بيهڪ سومرا سما دور ۾ اتر ۽ ڏکڻ سنڌ جي شهرن، همايون جي بادشاهي ۾ بلوچستان ۽ ڏکڻ پنجاب ۾ عرب نسل جا مقامي حاڪم، خفيف سومرو ۽ سندس همعصر ڏکڻ ايشيائي ملڪ، استخري ۽ ابن حوقل جا ٺاهيل سنڌ جا نقشا، ابن حوقل جو ٺاهيل دنيا جو نقشو، ٽالميءَ جو ٺاهيل ڏکڻ ايشيا جو نقشو، ادريسي جو ٺاهيل دنيا جو نقشو، محمود غزنوي جو سنڌ اچڻ جو گس ۽ مقامي ماڻهن جي دخل اندازي، شهاب الدين غوري جي مرڻ وقت ڏکڻ ايشيا جي صورتحال، سنڌو ۽ هاڪڙي درياءَ جي وهڪرن جا نقشا، عباسي، قرمطي، غزنوي، سلجوقي دور جي علائقن، مطلب تہ 13 کان 16 صديءَ جي سنڌ بلوچستان ۽ ڏکڻ ايشيا جي ملڪن جا نقشا، سنڌو درياهہ جي دور وارن وهڪرن، آمدرفت جي رستن، ڏکڻ سنڌ جي زمين جي جيومارفالاجي، گرمي ۽ ٿڌ جي مختلف وقتن ۾ ماپ ۽ واپاري رستن جا نقشا، ۽ اتر ۽ ڏکڻ سنڌ جا قبيلائي نقشا ڏنا ويا آهن. ان کانسواءِ ڪيترا چارٽ، ٽيبلون ۽ تصويري سمجهاڻيون بہ هن ڪتاب ۾ موجود آهن. هي سنڌ جي سومرا دور تي پنهنجي نوعيت جو پهريون ڪتاب آهي جنهن جي تياري ۾ ايم. ايچ پنهور جديد سائنسي تحقيق جا سمورا طريقا استعمال ڪيا آهن ۽ مفروضن کي رد ڪري تاريخ کي نئين انداز ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. قومي اسيمبلي جو اڳوڻو اسپيڪر الاهي بخش سومرو ليڪ جي محنتن تي تبصرو ڪندي لکي ٿو "بنيادي طور انجنيئر هئڻ ڪري محقق تاريخ جا جوڙ نئين سر ملائڻ لاءِ ڇنڊڇاڻ جا سائنسي طريقا ڪتب آندا آهن. سڀ کان پهريان هن سومرا دور جي اجڙيل شهرن جو اڀياس ڪري اتان لڌل هنري نمونن ۽ ٻين شين جيڪي هن وقت سنڌ اندر پنجن عجائب گهرن جهڙوڪ نيشنل ميوزيم ڪراچي، سنڌالاجي ميوزيم ڄامشورو، سنڌ ميوزيم حيدرآباد، ڀنڀور ميوزيم ڀنڀور ۽ بدين ميوزيم لاڙ ۾ رکيل آهن، جي لسٽ جوڙي آهي. تنهن کانپوءِ سنڌن بادشاهيءَ دوران اجڙيل ٻن شهرن ـــ منصوره ۽ ڀنڀور مان لڌل شين جي پڙتال ڪئي اٿس." (3) سومرو صاحب "تصوير سنڌ" ڪتاب بابت لکي ٿو "هي ڪتاب سومرن جي بادشاهيءَ جي نہ پر 1011 کان 1351ع تائين وارن سنڌين جي سڀيتا جي تصويري تاريخ آهي." (4)

## 5. سنڌ - جا ڪڇ سان لاڳاپا:

هي مختصر ڪتاب هڪ ليڪچر تي مبني آهي. سنڌ حڪومت جي ثقافت ۽ آرڪائيوز کاتي طرفان 19 ڊسمبر 1979ع تي قومي عجائب گهر ڪراچيءَ ۾ منعقد ٿيل ليڪچر پروگرام ۾ محترم ايم.ايچ پنهور ڪڇ ۽ سنڌ جي تعلقاتن تي انگريزي ۾ Sindh kachh Relations (سنڌ ڪڇ رليشنس) عنوان سان هڪ ڀرپور ۽ تاريخي ليڪچر ڏنو جيڪو ساڳئي ڊپارٽمينٽ طرفان 1980ع ۾ ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيو. ڪتاب جي آخر ۾ مصنف پاران ٺاهيل ڪيترائي نقشا ڏنل آهن. هي ليڪچر ۽ ان جي اشاعت حميد آخوند جي دلچسپيءَ ۽ ڪوشش

سان ممڪن ٿي. مقالي جو سنڌي ترجمو ڊاڪٽر غلام محمد لاکي ڪيو جيڪو سماهي مهراڻ جام شورو (نمبر 1-2، سال 1994ع) ۾ شايع ٿيو. سال 2016ع ۾ محترم عمر سومرو سنڌي ۽ انگريزي متن تي مبني ساڳيو مقالو ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرايو آهي، جنهن ۾ مترجم ڪٿي ڪٿي پنهنجي پاران ڪي وضاحتي حاشيا به لکيا آهن. اصل انگريزي ڪتاب ۾ ڏنل چارٽ ۽ نقشا به هن ڪتاب ۾ شامل ڪيا ويا آهن.

## 6. گرائونڊ واٽر ان سنڌ:

ايم. ايڇ پنهور صاحب نه صرف سنڌ جي تاريخ تي ڪم ڪيو پر هن سنڌ جي آبپاشي ۽ زير زمين پاڻي تي پڻ تاريخي ڪم ڪيو آهي. هن سنڌ جي جر جي پاڻيءَ تي 11 عدد ڪتاب لکيا. هي سنڌ اندر زير زمين پاڻيءَ بابت سندس ڪتاب آهي، جيڪو پهريون ڀيرو سال 1964ع ۾ شايع ٿيو. ٻيو وڌايل ۽ سڌاريل ڇاپو سال 1969ع ۾ ڊائريڪٽوريٽ آف ايگريڪلچر حيدرآباد ريجن پاران شايع ٿيو. ڪتاب پنج بابن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ ضميما، اضافي نوٽس ۽ ڪيترائي نقشا ۽ چارٽ پڻ شامل آهن. هن ڪتاب ۾ سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ موجود زير زمين مٺي ۽ کاري پاڻي جي نشاندهي ٿيل آهي. محقق اهو پڻ ٻڌايو آهي ته ڪٿي ڪيترو هيٺ پاڻي آهي ۽ مختلف قسمن جو اهو پاڻي زراعت ۽ فصلن لاءِ ڪارائتو ثابت ٿي سگهي ٿو.

هن موضوع تي لکيل سندس ٻين مقالن ۽ ڪتابن ۾ (1) گرائونڊ واٽرِ ان دادو ڊسٽرڪٽ آف سنڌ، سال 1962ع (2) گرائونڊ واٽرِ ان حيدرآباد ڊسٽرڪٽ آف سنڌ، سال 1962ع (3) گرائونڊ اينڊ سرفيس واٽرِ ان ايرڊ زونس آف سنڌ، سال 1963ع (5) گرائونڊ واٽرِ ان حيدرآباد اينڊ خيرپور ڊويزن آف سنڌ، سال 1964ع (6) گرائونڊ واٽرِ ان ڪراچي ڊسٽرڪٽ آف سنڌ، سال 1965ع (10) گرائونڊ واٽر ِان حيدرآباد اينڊ خيرپور ڊويزن آف سنڌ (روائيزڊ)، سال 1969ع ۽ ٻيا شامل آهن.

## 7. سنڌ جي ريجاڻي تاريخ:

"سڪس ايئرس آف هسٽري آف اريگيشن ِان سنڌ " نالي سان انگريزي ٻولي ۾ لکيل هن تاريخي ڪتاب جو سنڌيڪار محترم عمر سومرو آهي. هي ڪتاب سنڌ ۾ درياهي پاڻي ۽ ان کي آبپاشي مقصدن لاءِ استعمال جي تاريخ تي مبني آهي ۽ سنڌ جي آبپاشي تي پنهنجي نوعيت جو پهريون ۽ بهترين ڪتاب آهي، جنهن ۾ مصنف سنڌ جي پنج هزار سالن تي محيط آبپاشي ۽ سنڌ ۾ دريائن جي وهڪرن جي تاريخ بيان ڪئي آهي. ڪتاب اٺيهن بابن، اوڻيهن ضميمن ۽ ويهن صفحن جي مددي ڪتابن جي فهرست تي مشتمل آهي. ڪتاب جو سنڌي ترجمو عمر سومرو اڪيڊمي ڪراچي مان سال 2010ع ۾ شايع ٿي پڌرو ٿيو.

## 8. واٽر ڪائرمينٽ آف رورين ايريا آف سنڌ:

هي سنڌو درياءَ جي آس پاس جي علائقن ۾ پاڻي جي گهرج جي عنوان تي مختصر ڪتاب آهي. ڪتاب جي شروعاتي صفحن ۾ انهن نقشن جي مدد سان سنڌ جي ڪچي واري

علائقي (رورين ايريا) جي نشاندهي ڪئي وئي آهي. هن ڪتاب ۾ شامل مضمونن ۾ ليڪ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ جيڪڏهن ڪچي جي علائقي ۾ وڏي تعداد ۾ ٽيوب ويل هنيا ويا تہ مجموعي طور سنڌ جو پاڻي، زراعت ۽ ماحوليات سنگين متاثر ٿيندا. هي ڪتاب سنڌ ايڊيوڪيشن ٽرسٽ حيدرآباد پاران سال 2002ع ۾ شايع ٿيو.

## 9. ڪيرٽر:

هن ڪتاب تي محترم ايم. ايچ. پنهور سان گڏ بدر ابڙو، انور پيرزادو ۽ حاڪم علي شاهہ بخاري ليڪ جاٿايا ويا آهن. انگريزي ۾ لکيل هن ڪتاب جي مختلف بابن ۾ ڪيرٿر جي جيالاجي، جاگرافي، قبل مسيح وارو زمانو تاريخ، جبلن ۾ زندگي، پاڻي، مذهب ۽ تصوف، ڏند ڪٿائون ۽ داستان، تفريح، نباتات ۽ حيوانات جهڙا موضوع شامل آهن. هي ڪتاب ايني پاڪستان نالي هڪ اداري سال 2006ع ۾ شايع ڪرايو پر ڪتاب تي اشاعت جو سال لکيل نہ آهي.

## 10. آپ بيتي جڳ بيتي:

پنهور صاحب جي First Ten Years of My Life (فرسٽ ٽين ييئرس آف ماءِ لائف) عنوان سان انگريزيءَ ۾ لکيل هن آتم ڪٿا جو حاڪم علي شاهہ بخاريءَ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. هن ۾ پنهور صاحب جي زندگيءَ جي شروعاتي 10 سالن جو احوال شامل آهي. هي ڪتاب فينڪس بوڪس ۽ ايم. ايچ پنهور ٽرسٽ حيدرآباد پاران سال 2008ع ۾ شايع ٿيو. ڪتاب چار سؤ ٻارهن صفحن تي مشتمل آهي. ڪتاب جي ارپنا ليڪ پنهنجي وڏي فرزند رفيع حسين پنهور کي ڪئي آهي، جيڪو ڦوهہ جوانيءَ ۾ ڪانئس وڇڙي ويو. ڪتاب جو پيش لفظ سنڌ جي هڪ ٻئي دانشور ۽ سنڌ پرست ليڪ محمد ابراهيم جويو صاحب لکيو آهي. ڪتاب 85 ڏار ڏار عنوانن سان آهي. جنهن ۾ منهنجو ڳوٺ، منهنجا وڏا، منهنجو ڳوٺ ابراهيم پنهور ۽ ٻيا منهنجا ابا ڏاڏا، منهنجي جنم جو ضلعو منهنجي ڄمڻ جو هنڌ، منهنجو نالو منهنجو پيءُ، منهنجي ماءُ، ڪير دهي ۽ عيوض شاهہ جو مقام، صالح منهنجي پڙناني جي پيءُ جو آخري سفر، ڳوٺ جي مسجد، اسان جي ڳوٺ جو خود ساختہ ملان، اسان جو ڪنياري وارو پير، فقير مجيد ۽ هندو سوامي، ڳوٺن ۾ وسوسا، خيرات، ڳوٺ ۾ ٻاهران آيل مهمان، ڳوٺ جي صحت جي پرگهور، بيمارين ٽوٽڪائي حڪيم ۽ ويج، پرائمري اسڪول ۾ اسان جي تاريخ بابت ڄاڻ، آئون ڪڏهن بہ چورو نہ ٿيندس، منهنجي ٻجڪي، پڙهڻ جي عادت، وياج، ڳوناڻو هندو دڪاندار ۽ وياج، قيامت اچي پئي، سنڌ جي بمبئي کان علحدگي، پٽ تي ٽنگيل نقشا ۽ چارٽ، ڳوٺ ۾ ڪوهہ لڏم ڙي لڏم، ڪاتيءَ جي مشين، مسلمان ۽ غير مسلمان لپيون، منهنجي ڏاڏي جو ريلوي سفر، سنڌو درياءَ جو ديدار، انگريزن جي انسانيت، جهلي، پڪي جي اٽڪاءُ، ڪاڇو گهمڻ، سنڌ ۾ پاڻي جي پوڄا، ڪاٻي هٽ جو استعمال، چلم، اسان جي ڳوٺ ۾ تماشا ۽ دلچسپيءَ جا طريقا، رات جو آسمان ڏسڻ، هوندا، تون ڳئون جو گوشت کائيندين، مان رڳو ڦلدار وڻ پوکيندس، مخدوم بلاول تي ڪتابن جو دڪان، منهنجي ڏاڏي جي

پوکي راهي، منهنجي ڏاڏي جي زراعت بابت سوچ، مسلمانن ۽ يهودين جي پاڪ ڪتابن ۾ حرام ڪيل ميوا، قرآن جو احترام، جديد زرعي تحقيق اسان جي ڳوٺ پهتي، منهنجي مامي نانگ ڪاڏو، اسان جون پاليل ڪڪڙيون، ڳوٺ جو ڍڪڻ، ڳوٺ جو حجم، ڳوٺاڻو ڪنير، ڳوٺ جا ڪاسبي، سنڌي پوپا، پيري، اسان جي ڳوٺ جي دائي، واڳونءَ جو پنيان پوڻ، اڇوتن سان پيار، حرارن ۽ حياتين جي ڳولا، الهه اباد ۾ ميلو فريد آباد ۾ ڌاڙيل، منهنجو طهر، عورت بطور ديوي، جنسيات جي تعليم، منهنجي والد ۽ ڏاڏي جي جنسي زندگي، محمد صالح پنهور جي زندگيءَ جو احوال، سنڌ جي تاريخ سان لڳاءُ، مرزا قليچ بيگ بابت جيئن مون ٻُڌو، جانور منهنجي ننڍپڻ جا ساٿي، گهوڙا، سوالي ڪتا، چوپايو مال، هاءِ اسڪول ۾ پڙهڻ لاءِ وڃڻ، چاهي هو ڪاهي سگهدار، گرم ۽ سرد ڪاڏا، اسان جي مخطوطات جو ناقابل تلافي نقصان، لو بلڊ پريشر، مارڻ جا امڪان، مئٽرڪ جو امتحان، جاگيرداڻو سماج، زمينون ۽ متفرقا خيال جهڙا عنوان شامل آهن.

## 11. آڳاٽي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي:

ايم. ايچ پنهور جي مضمونن ۽ مقالن تي مشتمل هن ڪتاب جو سنڌيڪار ڊاڪٽر محبت ٻرڙو آهي، جيڪو رياضت ٻرڙي ترتيب ڏيئي ڊاڪٽر محبت ٻرڙو اڪيڊمي قنبر طرفان اپريل 2010ع ۾ڊاڪٽر محبت جي تيرهين ورسي جي موقعي تي ڇپائي پڌرو ڪيو. ڪتاب ۾ ايم. ايچ پنهور صاحب جا ڪُل 8 مضمون، پنهور صاحب جو ڊاڪٽر محبت ٻرڙي ڏانهن انگريزي ۾ لکيل خط ۽ ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جا پنهور صاحب کي لکيل ٻه خط شامل آهن. پنهور صاحب جي لکيل مضمونن جو مختصر تعارف هيٺ ڏجي ٿو:

(1) سنڌ ۾ ماڻهو: هي پنهور صاحب جي انگريزي مضمون Man in Sindh _ Stone age to Neolithic (مئن ان سنڌ_ اسٽون ايج ٽو نيئوليٿڪ) جو سنڌي ترجمو آهي، جيڪو پهريون دفعو ماهوار ”ڪينجهر“ حيدرآباد جي سيپٽمبر 1995ع واري پرچي ۾ ڇپيو. ساڳيو ترجمو ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جي ڪتاب ”ماڻهو ۽ ماڻهپو“ ڪتاب ۾ ٻه شامل آهي.

(2) سنڌ جا شهر ۽ وسنديون ۽ انهن جو سنڌو دريائي سرشتي ۾ تبديلين سان گڏ عروج ۽ زوال: پنهور صاحب جو The cities and settlement in Sindh, their rise and decline with changes in Indus River system ( دي سِٽيز ائنڊ سيٽلمينٽ اِن سنڌ، ديئر رائيز ائنڊ ڊيڪلائين وِد چئينجز اِن انڊس رور سسٽم) عنوان سان هي انگريزي مضمون ڊاڪٽر محبت ترجمو ڪري پهريون دفعو ماهوار ”ڪونج“ لاڙڪاڻي ۾ ٻن قسطن ۾ نومبر_ڊسمبر 1994ع ۽ مارچ_اپريل 1995ع ۾ شايع ڪرايو.

(3) سنڌ جون ٻوليون آمريءَ جي اوسر کان منصوره جي ميسارجڻ تائين يعني پنج هزار ورهه اڳ کان 1025ع تائين: پنهور صاحب جو Languages of Sindh between Rise of Amri and Fall of Mansura i.e. 5000 years ago to 1025 A.D (لئنگويجز آف سنڌ

ٻِتوين رائيز آف آمري اَئنڊ فال آف منصوره دئث از 5000 ايئرس اگو ٽُه 1025 اي.ڊي) عنوان سان آرڪيالاجيڪل ثابتين جي بنياد تي لکيل هي انگريزي مضمون سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو پاران شايع ٿيندڙ تحقيقي جرنل ڪلچرل هيريٽيج آف سنڌ (ايڊيٽر ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو) ۾ 1988ع ۾ ڇپيو. ڊاڪٽر محبت ٻرڙي پاران مضمون جو ڪيل سنڌي ترجمو ڪتاب آڳاٽي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي ۾ شامل آهي.

(4) سنڌ جي ٻولي چار هزار ورهه ق.م: پنهور صاحب جي Language of Sindh 4000 B.C – 1000 A.D (لئنگويج آف سنڌ 4000 ق م _ 1000ع) عنوان سان انگريزيءَ ۾ لکيل هي تحرير ڊاڪٽر محبت ترجمو ڪري پهريون دفعو ماهوار ”ڪينجهر“ حيدرآباد ۾ جولائي 1995ع ۾ ڇپرائي.

(5) جاگيرپ خلاف سنڌ جي سرويچ جدوجهد 1500ع – 1843ع: پنهور صاحب جو Heroic struggle of Sindh against feudalism (1500 A.D to 1843 A.D) (هيروئڪ اسٽرگل آف سنڌ اگينسٽ فيوڊلزم) عنوان سان هي انگريزي مضمون پهريون دفعو جرنل ”سنڌ ڪوارٽرلي“ جي شماري نمبر 03, سال 1976ع ۾ ڇپيو. ساڳيو مضمون ٻيو دفعو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي پاران شايع ٿيندڙ تحقيقي رسالي ”سنڌالاجيڪل اسٽڊيز“ ۾ 1979ع ۾ ڇپيو. ناليواري تعليمي ماهر ۽ سنڌ يونيورسٽي جي سابق وائيس چانسلر غلام مصطفيٰ شاهه ساڳيو مضمون ٻيهر ”سنڌ ڪوارٽرلي“ ۾ 1994ع ۾ شايع ڪرايو. ڊاڪٽر غلام محمد لاکي هي مضمون سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو ۽ ماهي ”مهراڻ“ نمبر 03, سال 1990ع ۾ شايع ٿيو. ساڳيو مضمون ٻماهي ”نيوز اينڊ اوپينين“ جي جنوري مارچ 2004ع واري شماري ۾ ڇپيو. هي مضمون ڊاڪٽر محبت ٻرڙي پڻ سنڌيءَ ۾ترجمو ڪيو. مضمون جي اهميت ۽ افاديت کي ڏسندي سنڌي اخبارن مضمون جو ترجمو ڪيترائي دفعا شايع ڪيو آهي ۽ ڊاڪٽر محبت ٻرڙو اڪيڊمي قنبر پاران شايع ٿيندڙ هن ڪتاب ”آڳاٽي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي“ ۾ پڻ شامل آهي.

(6) آبهوائي تبديليون ۽ انهن جا اتهاس تي اثر: هي پنهور صاحب جي انگريزي ۾ لکيل ڪتاب مان ترجمو ٿيل ٻه باب آهن. اصل مسودو 83 صفحن تي مشتمل آهي, جنهن مان ڊاڪٽر محبت ٻرڙي 19 صفحن تي محيط ٻه باب ترجمو ڪيا آهن. ڪتاب جو اصل انگريزي متن ڪٿي ۽ ڪهڙي عنوان سان ڇپيو ڪتاب ”آڳاٽي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي“ جي مرتب (رياضت ٻرڙي) ان حوالي سان لاعلمي ظاهر ڪئي آهي.

(7) سنڌ ۾ زرعي – آبهوائي (Agro Climatic)علائقن بابت نئين سوچ: اصل انگريزيءَ ۾ لکيل هي مضمون ڊاڪٽر محبت ٻرڙي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. ترجمو ٿيل هي مضمون پهريون دفعو روزاني برسات ڪراچيءَ ۾ 24 سيپٽمبر 1994ع ۾ ڇپيو.

(8) سنڌ ۾ ڳوناڳي مفلسي: هي پنهور صاحب جي انگريزي مضمون Rural Poverty in Sindh (رورل پاورٽي ِان سنڌ) جو ترجمو آهي، جيڪو پهريون دفعو روزاني جاڳو ڪراچيءَ ۾ 25_26 جنوري 1994ع تي ٻن قسطن ۾ ڇپيو.

ڪتاب جي ضميمي ۾ ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جا ٻه طبعزاد تحقيقي مضمون، سندس ايم. ايڇ پنهور ڏانهن لکيل خط ۽ ايم. ايڇ پنهور جو محبت ٻرڙي ڏانهن انگريزيءَ ۾لکيل خط، ايم. ايڇ پنهور جي گهر واري مسز فرزانه پنهور جي مضمون جو ترجمو ۽ رياضت ٻرڙي طرفان ايم ايڇ پنهور ۽ ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جا لکيل پروفائيل شامل آهن.

سنڌ جي نوجوان ترقي پسند ڪارڪن ۽ محقق ڊاڪٽر محبت ٻرڙي، پنهور صاحب جي هن ڪتاب ۾ شامل مضمونن کان علاوه ٻه ڪيترائي مضمون ۽ مقالا انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا. ترجمي جي ڪم دوران پاڻ خطن ذريعي پنهور صاحب سان رابطي ۾ رهيو. ڊاڪٽر محبت ٻرڙو پنهنجي موڪليل هڪ خط ۾ پنهور صاحب کي مخاطب ٿيندي لکي ٿو: " توهان جي تحقيق سنڌ ۾ سنڌ بابت هڪ وڏي ۽ مکيه کوٽ کي پورو ڪري ٿي. آءٌ پاڻ کي انهن ماڻهن ۾ ڳڻيان ٿو جيڪو علم جو قدر ڪندا آهن. عالم کي عزت ڏيندا آهن ۽ ان ڪري سڌ رکان ٿو ته جيڏو توهان (ايم. ايڇ پنهور) جو علمي مرتبو آهي، اوترو ئي توهان کي مان ۽ مرتبو ملڻ گهرجي." (5)

## 12. قديم سنڌ جي تجارتي تاريخ:

هي ڪتاب روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو پاران سال 2004ع ۾ شايع ڪرايو ويو. ڪتاب جو مترجم ۽ سهيڙيندڙ سنڌ جو هاڪارو عالم ۽ مورخ عطا محمد ڀنڀرو آهي. هن موضوع تي چيتن ماڙيوالا جي انگريزيءَ ۾ لکيل اصل ڪتاب "سنڌ جي تجارتي تاريخ" عنوان سان انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي پاران 1981ع ۾ شايع ٿيو. ضميمي ۾ ايم. ايڇ پنهور جا ٻه مضمون شامل آهن. 168 صفحن تي مشتمل هن ڪتاب جي ارپنا مترجم سنڌ جي قديم سڀيتا، ثقافت، ادب ۽ ٻوليءَ لاءِ جاکوڙيندڙ ڪاڪي ڀيرو مل مهرچند آڏواڻيءَ جي نالي ڪئي آهي. ڪتاب چار بابن ۽ ٻن ضميمن تي مشتمل آهي. باب پهريون تعارف، موضوع جي اهميت ۽ معلومات جو درجو. باب ٻيو ملڪ ۽ ان جا ماڻهو باب ٽيون سنڌ جا ڏيساور سان واپاري ناتا، آمدورفت جا وسيلا ۽ واپاري رستا، باب چوٿون مغل دور تائين سنڌ جي واپار جو اپياس شامل آهن. ڪتاب ۾ ٻه ضميما پڻ شامل ڪيا ويا آهن. جن ۾ (الف) ڀنڀور بندر وسيلي سنڌ جي بين الاقوامي تجارت ۽ (ب) ڊچ ايسٽ انڊيا ڪمپني ۽ سنڌ جو ديبل بندر شامل آهن. چيتن ماڙيوالا جي ڪتاب سميت ايم. ايڇ پنهور جا ضميمي وارا ٻئي مضمون پڻ محترم عطا محمد ڀنڀري صاحب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا آهن.

## مختلف ايوارڊ، شيلڊون ۽ سرٽيفڪيٽ:

محترم ايم.ايڇ پنهور کي ڪيترائي ايوارڊ مليا. مڪينيڪل ۽ اليڪٽريڪل انجنيئرنگ جي گريجوئيشن ۾ پهرين پوزيشن حاصل ڪرڻ تي سنڌ يونيورسٽي پاران سال

1949ع ۾ ڪيس پهريون ايوارڊ مليو. هن نہ صرف سنڌ جي تاريخ سائنسي بنيادن تي مرتب ڪئي، بلڪ ائگريڪلچر ۽ هارٽيڪلچر ۾ بہ اهم خدمتون ڏنيون. ڪيس زراعت ۽ انجنيئرنگ جي شعبن ۾ غير معمولي خدمتون سرانجام ڏيڻ تي صدر پاڪستان پاران سال 1992ع ۾ ستاره امتياز سان نوازيو ويو. پنهور صاحب کي مليل بين مجتائن ۽ ايوارڊن ۾ (1) سال 1988-1987ع ۾ Who is Who in the World ( هُوز هُوان دي ورلڊ) ۾ مجتا طور سندس نالو ۽ ڪم شامل ڪيو ويو. (2) سنڌ ترقي پسند پارٽي سنڌ پاران سنڌ جي تاريخ ۽ آرڪيالاجي جي شعبي ۾ تحقيقي ڪم تي لائف اچيومينٽ ايوارڊ سال 1999ع (3) روائيورس پاران انجنيئرنگ ۽ زراعت ۾ اعليٰ خدمتن تي لائيف اچيومينٽ ايوارڊ 2002ع (4) اردو اخبار روزاني خبرين، ٽيليوزن چئنل "ڪسان ٽائمز" ۽ چاولا گروپ پاران باغبانيءَ ۾ خدمتن تي مئي 2004ع ۾ پاڪستان جو چوٽيءَ جو باغبان (ٽاپ هارڪيٽيڪچرسٽ آف پاڪستان) ايوارڊ 2004ع (5) سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن (سگا) پاران آگسٽ 2014ع ۾ سنڌ تي زندگي ڀر تحقيق عيوض لائيف ٽائيم ريسرچ آن سنڌ ميڊل 2004ع (6) سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊو جام طرفان نومبر 2004ع ۾ زرعي سائنس ۾ خدمتن عيوض مجتا ايوارڊ 2004ع (7) ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر پاران خدمتن جي مجتا ۾ لائيف ٽائيم اچيومينٽ ايوارڊ 2004ع وغيره شامل آهن.

سنڌ جي هن يگاني عالم ۽ محقق 82 سالن جي عمر ۾ 21 اپريل 2007ع تي لطيف آباد، حيدرآباد ۾ وفات ڪئي. سندس آخري آرام گاهہ ٽنڊو جام واري فارم هائوس ۾ واقع آهي.

## نتيجو:

ايم ايڇ پنهور هڪ اعليٰ انسان هو، جنهن علم، ادب، ذراعت، باغباني، جاگرافي، آرڪيالاجي ۽ آبپاشيءَ جي ميدانن ۾ بيپناهہ خدمتون سرانجام ڏنيون. هو هڪ سائنسي سوچ رکندڙ محقق ۽ دانشور هو. سندس علمي توڙي ادبي ڪم هڪ تاريخي حيثيت رکي ٿو. هن جديد سائنسي تحقيق جا سمورا طريقا استعمال هيٺ آندا آهن ۽ مفروضن کي رد ڪري تاريخ کي نئين انداز ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ايم ايڇ پنهور جي سنڌ ۽ سومرن جي دور بابت انوکي انداز ۾ ڪيل شاندار تحقيق کي "ائن السٽريٽيڊ هسٽاريڪل ائٽلس آف سومرا ڪنگڊم آف سنڌ" جي روپ ۾ پيش ڪرڻ جو اعزاز پڻ حاصل هيو. ايم ايڇ پنهور صاحب بنيادي طور انجنيئر هئڻ ڪري مخصوص تحقيقي انداز جو ڪم ڪيو، جنهن کي وڏي پئماني تي قبول ڪيو ويو. هن هر قسم جي تحقيق جي ڇنڊڇاڻ لاءِ سائنسي طريقا ڪتب آندا آهن.

## حوالا:

1. پنهور، ايم.ايڇ، مرتب لاکو غلام محمد، ڊاڪٽر "سنڌ شناسي"، ڇاپو پهريون، پيڪاڪ پرنٽرز اينڊ پبلشرز ڪراچي، ڊسمبر 2017ع ص_ 9.
2. پنهور، ايم.ايڇ، مرتب لاکو غلام محمد، ڊاڪٽر "سنڌ شناسي"، ڇاپو پهريون، پيڪاڪ پرنٽرز اينڊ پبلشرز ڪراچي، ڊسمبر 2017ع ص_5
3. پنهور، ايم.ايڇ، سنڌيڪار: سومرو، عمر "تصوير سنڌ" سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ڇاپو پهريون، سال 2012ع ص_ 12
4. پنهور، ايم.ايڇ، سنڌيڪار: سومرو، عمر "تصوير سنڌ" سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ڇاپو پهريون، سال 2012ع ص_ 13
5. پنهور ايم ايڇ، ترجمو برڙو، محبت ڊاڪٽر، "آڳاٽي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي"، ڊاڪٽر محبت برڙو اڪيڊمي قنبر اپريل، 2010ع ص_205.

## مددي ڪتاب:


1. پنهور، ايم.ايڇ، مرتب لاکو غلام محمد "سنڌ شناسي"، ڇاپو پهريون،پيڪاڪ پرنٽرزائنڊ پبلشرز ڪراچي، ڊسمبر 2017ع.
2. پنهور، ايم.ايڇ، سنڌيڪار: سومرو، عمر "تصوير سنڌ" سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ڇاپو پهريون، سال 2012ع.
3. پنهور ايم ايڇ، سنڌيڪار برڙو محبت ڊاڪٽر، "آڳاٽي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي"، ڊاڪٽر محبت برڙو اڪيڊمي قنبر اپريل، 2010ع.
4. پنهور ايم ايڇ،سنڌيڪار سومرو عمر، پيراڻي سنڌ ڪتاعمر سومرو اڪيڊمي ڪراچي 2011ع.
5. محمد عرس اظهر سولنگي، دادوضلعو_ هڪ اڀياس، سنڌي ادبي بورڊ جامشورو، سال 2013ع.
6. پاويل جوڻيجو، دادو ضلعو_ ڪالهه ۽ اڄ، باک ڦٽي پبليڪيشن ميهڙ 2008ع.
7. ويب سائيٽ www.panhwar.com تان ڪجهه مدد ورتل.